# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

# سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

3. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of West Pakistan Act VII of 1956

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

# سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر

هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1956 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

2. سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 6 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "يا رقم ۾ ساليانو 6 سيڪڙو جو اضافو" کي لفظن "ساليانو رقم ۾" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

"(2_A) هن دفعہ تحت طئي ڪيل معاوضو ساڳي يا انهيءَ هنڌ تي ساڳي حالت ۾ واقع ساڳين عمارتن جي ڀاڙي کان گهٽ نہ هوندو."

1956 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 6 کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

(معاوضي ۾ واڌ)

"6_A(1) صوبائي حڪومت، مالڪ جي درخواست تي ذيلي دفعہ 6 تحت واجب الادا معاوضو نين ٽيڪسن کي نظر ۾

| | |
|---|---|
| رڪندي وڌائي سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪي هجن، معاوضو ۽ عمارت جو ساليانو ملهه طئي ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن تي ٽيڪس لڳائي وئي آهي:<br><br>بشرطيڪ معاوضو طئي ڪرڻ واري تاريخ کان ٽن سالن جي عرصي تائين معاوضي ۾ ڪا به واڌ نه ڪئي ويندي.<br><br>(2) معاوضي ۾ واڌ ڪنهن به صورت ۾ ساليانو 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي.". | West Pakistan Act VII of 1956 |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**